SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XXVI مجريہ 1974

SINDH ACT NO.XXVI OF 1974

سنڌ اسيمبلي ميمبرز (پگهارون ۽ الائونسز) ايڪٽ، 1974

THE SINDH ASSEMBLY MEMBERS (SALARIES AND ALLOWANCES) ACT, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. پگهار
Salary

4. روزاني الائونس
Daily Allowance

5. مسافري الائونس ۽ مائيليج الائونس
Travelling allowance and Mileage allowance

6. ٽيليفون
Telephone

7. مخالف ڌر اڳواڻ
Leader of Opposition

8. 1972 جي سنڌ ايڪٽ 5 جي منسوخي
Repeal of Sindh Act 5 of 1972

سنڌ ايڪٽ نمبر XXVI مجريہ 1974

SINDH ACT NO.XXVI OF 1974

سنڌ اسيمبلي ميمبرز (پگهارون ۽ الائونسز) ايڪٽ، 1974

THE SINDH ASSEMBLY MEMBERS (SALARIES AND ALLOWANCES) ACT, 1974

[29 نومبر 1974]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ اسيمبلي جي مخالف ڌر اڳواڻ سميت ميمبرن کي پگهارون، الائونسز ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪيون ويندیون.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ صوبائي اسيمبلي سنڌ جي ميمبرن کي پگهارون، الائونسز ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪرڻ سان لاڳاپيل قانون ۾ ترميم ڪرڻ ۽ مضبوط بڻائڻ ضروري ٿي پيو آهي ۽ صوبائي اسيمبلي سنڌ جي مخالف ڌر اڳواڻ کي مخصوص مراعتون ڏيڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ اسيمبلي ميمبرس (پگهارون ۽ الائونسز) ايڪٽ، 1974 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون

Definitions

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a)"اسيمبلي" مطلب سنڌ جي صوبائي اسيمبلي؛

(b)"ڪميٽي" مطلب اسيمبلي طرفان مقرر ڪيل ڪميٽي ۽ جنهن ۾ شامل آهن ماليات ڪميٽي، اسٽينڊنگ ڪميٽي ۽ اسيمبلي جي سليڪٽ ڪميٽي؛

(c)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(d)"مخالف ڌر اڳواڻ" مطلب ميمبر جيڪو وقتي طور اسپيڪر جي خيال ۾ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڪثريتي ميمبرن، گروهه يا جماعت جو اڳواڻ آهي؛

(e)"گڏجاڻي" مطلب اسيمبلي يا ڪميٽي جي گڏجاڻي؛

(f)"ميمبر" مطلب اسيمبلي جو ميمبر پر جنهن ۾ وڏو وزير، وزير، اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر شامل نه هوندو؛

(g)"سيشن" مطلب اسيمبلي جي پهرين ويهڪ کان شروع ٿيل عرصو جيستائين ان جو سمن جاري نه ڪيو وڃي، ۽ ان جو مدو پورو ٿيڻ تائين يا تحليل ٿيڻ تائين؛

(h)"ويهڪ" مطلب اسيمبلي يا ڪميٽي جي گڏجاڻي ان جي ڪاروهنوار شروع ٿيڻ کان ويندي تحليل ٿيڻ واري ڏينهن تائين؛

(i)"اسپيڪر" مطلب اسيمبلي جو اسپيڪر ۽ بشمول وقتي طور اسپيڪر جون ذميواريون سرانجام ڏيندڙ ڊپٽي اسپيڪر.

پگهار
Salary

3.هڪ ميمبر کي طئي ٿيل پگهار 1["چوويهه هزار رپيا"] ماهوار ڏني ويندي.

2[A_3.هڪ ميمبر 3[چار هازار اٺ سئو رپيا] مهينو جي حساب سان سمپچوري الائونس حاصل ڪندو.]

B_3. هڪ ميمبر 4[سورنهن هزار رپيا] هر مهيني گهر جو ڪرايو حاصل ڪندو.

C_3.هڪ ميمبر 5[چار هزار اٺ سئو رپيا] گئس ۽ بجلي جي بلن جي مد ۾ ماهوار حاصل ڪندو.

6[D_3. پگهار ۽ ٻين مراعتن ۾ پاڻمرادو بي پي ايس_22 جي سرڪاري ملازمن جي پگهار ۾ واڌ جي نسبت سان وقت بوقت واڌ ٿيندي.]

روزاني الائونس Daily Allowance

7[4. هڪ ميمبر کي ڏهاڙي الائونس 8["اٺ سئو اسي رپيا"] ۽ ڪنوينس الائونس ["ڇهه سئو چاڻهه رپيا"] ڏهاڙي ڊيوٽي جي عرصي دوران رهائش تي ۽ اچڻ واري ڏينهن لاءِ ۽ اسيمبلي يا ڪميٽي جي گڏجاڻي واري هنڌ کان وڃڻ واري ڏينهن لاءِ ۽ اتي جتي اهڙي ميمبر سان لاڳاپيل ڪو ٻيو ڪاروهنوار ٿي رهيو هجي ميمبر کي ڏنا ويندا.]

8[A_4.هڪ ميمبر کي ڊيوٽي دوران رهائش تي سبسڊي (چار سئو پنجاهه رپيا) روزانو جي بنياد تي ڏني ويندي.

1.دفعه 3 ۾ لفظ تبديل ڪيل وائيڊ 2013 جو سنڌ ايڪٽ نمبر XXXIV تاريخ پهرين اپريل 2013.

2.دفعه A_3 شامل ڪيل 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر I ذريعي (30هين مارچ 1995)

3.دفعه A_3 ۾ لفظ تبديل ڪيل وائيڊ 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXXIV ذريعي تاريخ پهرين اپريل 2013.

4.دفعه B_3 ۾ ساڳيءَ ريت تبديل ڪيل لفظ

5.دفعه C_3 ۾ ساڳيءَ ريت تبديل ڪيل لفظ

6.ساڳيءَ ريت شق D_3 ۾ دفعه D_3 جو اضافو.

7. 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر I ذريعي تبديل ڪيل (30هين مارچ 1995).

8.دفعه 4 ۾ ترتيبوار لفظن جون تبديليون وائيڊ 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXXIV تاريخ پهرين اپريل 2013.

B_4.جتي هڪ ميمبر کي آفيشل سهولتون ميسر ناهن اتي ان کي 1["ٻه هزار چار سئو رپيا"] روزاني جي حساب سان رهائش واري عرصي دوران فراهم ڪيا ويندا.

مسافري الائونس ۽

[5. (1) [هر مسافري جي مقصد لاءِ ڪو سيشن يا ڪميٽي جي گڏجاڻي ۾ شري ٿيڻ لاءِ يا ميمبر طور پنهنجي ذميدارين

مائيليج الائونس
Travelling allowance and Mileage allowance

سان لاڳاپيل ڪنهن ٻئي ڪاروهنوار لاءِ سندس عام رواجي رهائش واري جڳهه کان اهڙي سيشن يا گڏجاڻي يا ٻئي ڪنهن ڪم ڪار لاءِ ۽ اهڙي مسافري کان اهڙي عام رواجي رهائشي تي واپسي لاءِ ميمبر کي هڪ مسافري الائونس هيٺين قيمتن تي ڏنو ويندو:

(a)جتي سفر ريل ذريعي ڪيو وڃي، جنهن درجي ذريعي سفر ڪيو ويو آهي، ان برابر ڪرايو واڌو ايئرڪنڊيشنڊ ڪلاس جو واڌ ڪرايو؛

(b)جتي سفر هوائي رستي ڪيو وڃي، بزنس ڪلاس جو ڪرايو؛ ۽

(c)جتي سفر يا ان جو ڪو حصو روڊ رستي ڪيو وڃي، سنڌ تي وقتي طور پهرين گريڊ جي آفيسرن لاءِ لاڳو مسافري الائونسز قاعدن ۾ ڄاڻايل اڳهه جي حساب سان ڪرايو؛

بشرطيڪ سفر ذاتي ڪار ذريعي ڪيو وڃي ٿو تہ، ميلن جي حساب سان الائونس 2["ويهه رپيا"] في ڪلوميٽر جي حساب سان ڏنا ويندا:

(i)ڪو بہ مسافري الائونس تڏهن نہ ڏنو ويندو جڏهن مسافري سيشن واري هنڌ ۽ ٻي ڪنهن جڳهه وچ ۾ ڪئي وڃي؛ ۽

(ii)هڪ ميمبر جنهن جي عام طور تي رهائش ڊيوٽي واري هن تي حاضري هئڻ واري هنڌ کان پنج منٽن جي مفاصلي تي آهي، ان کي مسافري الائونس نہ ڏنو ويندو.

(2)ذيلي دفعہ (1) ۾ بيان ڪيل اڳهن تي مسافري الائونس ميمبر کي سيشن جي ملتوي ٿيڻ واري عرصي دوران مسافري تي ڏنو ويندو جيڪڏهن سيشن ڏهہ ڏينهن کان وڌيڪ عرصي لاءِ ملتوي ڪيو ويو هجي.

(3)هڪ ميمبر سرڪاري دوري پرڏيهه مسافري لاءِ فرسٽ ڪلاس هوائي رستي سفر ڪرڻ ڏنو ويندو.]

1[A_5 (1) هڪ ميمبر کي سال دوران اهڙا ووچر 2[هڪ لک ويهه هزار رپيين] جا ڏنا ويندا، تہ جيئن اهو پاڪستان اندر ڪنهن بہ وقت بنا ڪنهن ڪرائي جي ادائگي جي جهاز يا ريل جي رستي سفر ڪري سگهي:

بشرطيڪ اهو تہ جتي ڪو ماڻهو هلندڙ سال دوران ميمبر ٿئي ٿو، ووچرز جي قيمت جيڪا هن کي ڏني ويندي ان ۾ ان مناسبت سان ڪٽوتي ڪئي ويندي.

[(2) ميمبر جيڪو ووچرز نہ چاهيندو ان کي ووچرن جي قيمت برابر الائونس ادا ڪيو ويندو، جيڪي ان کي ذيلي دفعہ (1) تحت ڏنا وڃڻا هئا، جن موجب انهن جي قيمت ٽيهہ هزار رپيا بيهندي جيڪي 3[چاليهہ هزار رپيين] جا هيا.

(3)ڪو بہ ووچر جيڪو ذيلي دفعہ (1) تحت ميمبر کي فراهم ڪيو ويو هجي، اهو ميمبر جي ڪٽنب طرفان استعمال ڪري سگهجي ٿو.

(4)ذيلي دفعہ (1) تحت مليل ڪو ووچر جيڪو ميمبر طرفان ڪنهن مسافري جي مقصد لاءِ استعمال ڪيو وڃي، جنهن لاءِ هن ايڪٽ تحت ڪو مسافري الائونس ڏنو ويو آهي، تہ اهڙي صورت ۾ اهو الائونس حاصل ڪرڻ لاءِ اهل نہ هوندو.

وضاحت: هن دفعہ جي مقصد لاءِ "ڪٽنب" مطلب گهرواري ۽ ٻار ۽ "ميمبر" جنهن ۾ شامل آهن، اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر، وزير، وڏي وزير جو صلاحڪار، وڏي وزير جو خاص صلاحڪار، پارلياماني سيڪريٽري ۽ مخالف ڌر اڳواڻ."]

1دفعہ A_5 1992 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V ذريعي شامل ڪئي وئي تاريخ 16هين جولاءِ 1990

2 تبديلي ڪئي وئي 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXXIV ذريعي. تاريخ پهرين اپريل 2013

3دفعہ 5 ۾ ان جي ذيلي دفعہ (2) لاءِ لفظ تبديلي ڪيا ويا 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXXIV ذريعي. تاريخ پهرين اپريل 2013

ٽيليفون
Telephone

1[6. (1)هڪ ميمبر کي سرڪاري خرچ تي عام طور تي رهائش واري هنڌ ٽيليفون جي سهولت مهيا ڪئي ويندي، جيڪڏهن اهڙي هنڌ تي لڳائڻ جي سهولت موجود هجي:

بشرطيڪ حڪومت رڳو چار هزار رپيا ٽيليفون ۽ ان تان ڪيل ڪالز جي سلسلي ۾ ادا ڪندي پوءِ اها ٽيليفون نجي ڪنيڪشن هجي يا سرڪاري خرچ تي لڳائي وئي هجي:

بشرطيڪ وڌيڪ تہ سرڪار رهائش جي جڳهہ تبديل ٿيڻ جي صورت ۾ ٻيهر لڳائڻ جو خرچ ادا نہ ڪندي.

(2)ميمبر جنهن کي ٽيليفون مهيا ناهي ڪئي وئي يا جنهن جي پنهنجي نالي تي ٽيليفون ڪنيڪشن نہ آهي، ان کي ذيلي دفعہ (1) ۾ بيان ڪيل ٽيليفون چارجز جي سلسلي ۾ چار هزار رپيا ماهوار ڏنا ويندا.]

2[(3) هڪ ميمبر موبائل فون چارجز جي نالي تي ڏهہ هزار رپيا ماهوار حاصل ڪندو.]

3[6_A. "ميمبر، ميمبر جي گهرواري، نابالغ ٻار ۽ غير شاديہ شده ڌيئر جيڪي ساڻس گڏ رهندا هجن ۽ ميمبر تي سمورن پاڙيندڙن کي 1950 جي اسپيشل ميڊيڪل اٽينڊنس رولز تحت ميڊيڪل جون سهولتون فراهم ڪيون ويندیون."]

4[6_B. هڪ ميمبر کي آفيس مينٽيننس الائونس 5[اٺ هزار] رپيا ماهوار ڏنو ويندو."]

1دفعہ 6 ۾ 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر I ذريعي لفظ تبديل ڪيا ويا. تاريخ 30هين مارچ 1995

2دفعہ 3_A شامل ڪيو ويو 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXXIV ذريعي. تاريخ پهرين اپريل 2013

3دفعہ A_6 شامل ڪيو ويو 1989 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V ذريعي. تاريخ 4 مئي 1989
4دفعہ B_6 شامل ڪيو ويو 1990 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V ذريعي. تاريخ 16 جولاءِ 1990
5دفعہ B_6 ۾ 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXXIV ذريعي لفظ تبديل ڪيا ويا. تاريخ پهرين اپريل 2013

مخالف ڌر اڳواڻ
Leader of Opposition

[1]7. جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، مخالف ڌر اڳواڻ کي پگهار، الائونس ۽ مراعتون اهڙيءَ ريت ڏنيون ويندیون جيئن صوبائي وزير کي سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 تحت ملڻيون آهن:

A_7. هڪ ميمبر جيڪو اسيمبلي جي ڪميٽي جي چيئرمين جو عهدو رکي ٿو، سواءِ سليڪٽ ڪميٽي يا اسپيشل ڪميٽي جي، ان کي هڪ سرڪاري ڪار فراهم ڪئي ويندي سواءِ ڪنهن ٻي حيثيت سان سڪراري ڪار ڏيڻ جي ۽ جتي اهو پنهنجي سهولت حاصل ڪري ٿو، ان کي دفعہ 4 تحت ڪنوينس الائونس ۽ دفعہ 5 تحت مسافري الائونس نه ڏنو ويندو:

بشرطيڪ:

(i) فقط هڪ ڪار ڪميٽي جي چيئرمين کي پنهنجي سموري عهدي جي مدت دوران فراهم ڪئي ويندي؛

(ii) ڪميٽي جي چيئرمين کي ماهوار اٺ هزار رپيا پيٽرول ۽ مينٽيننس الائونس جي مد ۾ ڏنا ويندا ۽ پيٽرول ۽ ڪار جي مرمت جي سموري ذميواري مٿس هوندي؛

(iii) ڪميٽي جي چيئرمين جو عهدو ڇڏڻ کان ٽن ڏينهن اندر ڪيس ڪار واپس ڪرڻي پوندي.".

1972 جي سنڌ ايڪٽ 5 جي

8. سنڌ صوبائي اسيمبلي (ميمبرن جون پگهارون ۽ الائونسز) ايڪٽ، 1972 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

[1]دفعہ 7 ۽ A_7 تبديل ڪيا ويا 1995 جي سنڌ ايڪٽ نمبر I ذريعي. تاريخ 30 مارچ

منسوخي
Repeal of Sindh Act 5 of 1972

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.